Seerat Rasool Jo Paighaam The Message of The Seerat of the Messenger of Allah Maulana Ubaidullah Anwar translation Shaikh Mohammad Ismail

سِيرَتِ رَسُول جَو پَيغامُ

مولانا عبيدالله انور
ترجمو:شيخ محمد اسماعيل

هڪ مشهور ايراني مصنف حڪيم برزويه پنهنجي ڪتاب ”ڪليله و دمنه“ ۾ حضور نبي اڪرم رحمت دو عالم صلى الله عليه وسلم و اصحابه وسلم جن بعثت وقت ايراني معاشري جو جيڪو نقشو چٽيو آهي، تنهن جي هڪ تصوير ملاحظه فرمايو:

”ائين معلوم ٿو ٿئي ته ماڻهن صداقت کي هٿان ڇڏي ڏنو آهي. جا شيءِ مفيد آهي سا موجود ناهي ۽ جيڪي موجود آهي سو مضر آهي. جيڪا چيز سٺي آهي سا ڪوماڻل آهي ۽ جيڪا خراب آهي سا سرسبز آهي. دروغ کي فروغ آهي ۽ نيڪي بي رونق آهي. علم پستي جي درجي ۾ ۽ بي عقلي جو درجو بلند آهي. بدڪاري جي حاڪميت آهي ۽ شرافت نفسي پامال آهي. محبت متروڪ آهي ۽

نفرت مقبول آهي. فيض ۽ ڪرم جو دروازو نيڪن تي بند آهي پر شريرن تي کليل آهي. حاڪمن جو فرض فقط عياشي ڪرڻ ۽ قانون ٽوڙڻ آهي. مظلوم پنهنجي ذلت تي قانع آهي ۽ ظالم کي پنهنجي ظلم تي فخر آهي. حرص جو وات پٽيل آهي ۽ ويجهي توڙي پرانهين هر شيءَ کي ڳڙڪائي رهيو آهي. تسلط لائقن کان نالائقن ڏانهن منتقل ٿي ويو آهي ۽ ائين معلوم ٿئي ٿو ته دنيا خوشي جي نشي ۾ اهو چئي رهي آهي ته مون نيڪي کي مقفل ۽ بدي کي آزاد ڪري ڇڏيو آهي.“

(بحواله مولانا سنڌي ”حالات زندگي، تعليمات ۽ سياسي افڪار“ ص 191 - 192)

هڪڙي ايراني مصنف ”شهد شاهد من اهلها“ جي مصداق پنهنجي گهر جي حالت جو جيڪو نقشو چٽيو آهي ۽ انهي دور جي معاشري جا حالات بنان گهٽ وڌائي جي بيان ڪيا آهن، سي واضح لفظن ۾ ڪنهن انقلاب کي دعوت ڏيئي رهيا هئا، ڇو ته آسماني صحيفن جي متفقه گواهي اها ئي آهي ته جڏهن انهي قسم جا حالات پيدا ٿي وڃن تڏهن نظام ۾ تبديلي اڻ ٽر ٿي ويندي آهي.

يارهين صدي هجري جي مجدد ۽ برصغير پاڪ و هند جي نامور شخصيت حضرت حڪيم الاسلام شاه ولي الله قدس سره انهي سلسلي ۾ پنهنجي معرڪة الآرا تصنيف حجة الله البالغہ ۾ لکيو آهي:

”جڏهن اها مصيبت گهٽي وڌي وئي (يعني ماديت ۽ دنيا پرستي) ۽ مرض شدت اختيار ڪئي، تڏهن الله تعاليٰ ۽ سندس مقرب فرشتا رنج ٿيا. ان وقت الله تعاليٰ جي مشيت ٿي ته انهي مرض کي پاڙئون وڍي ڪڍي ڇڏجي ڇاڪاڻ جو مرض لاعلاج حد تائين پکڙجي چڪو هو. تنهنڪري الله تعاليٰ

حضرت محمد مصطفيٰ رسول الله ﷺ و اصحابہ وسلم کي مبعوث فرمايو، جو محض امي هو (جيئن قرآن شريف ۾ ارشاد آهي. ڏسو سورة جمعه، آيت نمبر 2: ناقل) ۽ جن ڪڏهن ايراني ۽ رومي معاشري (روس ۽ آمريڪا وانگر ان دور جون به عظيم ۽ سپر طاقتون) سان ميل ميلاپ نه رکيو هو، ۽ نڪي انهن جي رسمن رواجن ۽ طرز معاشرت کي اختيار ڪيو هو. خدا تعاليٰ آنحضرت ﷺ و اصحابہ وسلم کي رسومات صالح ۽ غير صالح جي درميان تميز ڪرڻ جو معيار قرار ڏنو ۽ سندن زبان

فيض ترجمان سان عجمين جي رسمن جي مذمت ڪرائي ۽ دنياوي زندگي ۾ انهماڪ ۽ ان تي اطمينان ڪري ويهي رهڻ جي خرابي ظاهر ڪئي. الله تعاليٰ سندن دل ۾ وڌو ته جن فاسد اخلاقن ۽ بيڪار رسمن جا عجمي عادي آهن جن تي اهي فخر ۽ ناز ڪن ٿا اهي حرام آهن. مثلاً ريشمي لباس، ارغواني ڪپڙا، سونا ۽ روپا ٿانءَ، سونا زيور، اهڙا ڪپڙا جن تي تصويرون ٺهيل هجن، ۽ گهرن ۾ نقش و نگار. الله تعاليٰ فيصلو ڪيو ته هن نبي جي حڪومت جي وسيلي قيصر و ڪسريٰ (رومي ۽ ايراني معاشرن جا سربراه) جي حڪومت کي برباد ڪجي ۽ ان (نبي) جي اڳواٽي سان انهن جي ليبدرشپ کي ختم ڪري ڇڏجي. اهڙي طرح ان (نبي) جي وجود سان ڪسريٰ ختم ٿي ويو ۽ وري ڪو به ڪسريٰ نه ٿيندو ۽ قيصر جي قيصريت ختم ٿي وئي ۽ وري ڪو به ان جو جاءِ نشين نه ٿي سگهندو.“ (جلد - 1، ص 106).

حڪيم امت رحمة الله تعاليٰ جي انهيءَ اقتباس جو مقصد واضح آهي ته الله تعاليٰ جو نبي دنيا مان هر قسم جي بي انصافي ۽ عدم توازن دور ڪرڻ آيو هو ۽ معاشري جا اهي فرد ۽ طبقا جيڪي حد کان وڌيڪ عياشي واري

زندگيءَ ۾ مست ٿي خدا کان ناآشنا ٿي چڪا هئا ۽ سندن اعمال ۽ افعال ملت جي ٻين طبقن لاءِ زهر قاتل ثابت ٿي رهيا هئا، انهن کي ٽوڙي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏجي ۽ الله جي زمين تي عدل ۽ انصاف جي حاڪميت قائم ڪجي.

سرڪار دوعالم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن خود هڪ موقعي تي ارشاد فرمايو هو ته”هلک قيصر فلاقيصر بعده وهلک ڪسريٰ فلاڪسريٰ بعده“ اها هڪ پيشنگوئي هئي، جا زبان نبوت مان نڪتي ۽ ان جي صداقت ڪي جلد ئي دنيا ڏٺو.

انهي موقعي تي قدرتي طور اهو سوال پيدا ٿئي ٿو ته عيش و نشاط ۾ غرق معاشري جي زوال جي رسول الله جن جو پيشنگوئي ڪئي ۽ سڄي دنيا جي اهل صلاح و تقويٰ ۽ حڪيم ۽ داناءَ ماڻهو انهي قسم جي معاشري کي انسان ذات ۽ انسانيت لاءِ ڇو زهر قاتل سمجهن ٿا؟ ان جو جواب سورة بني اسرائيل جي آيت نمبر 16 مان بخوبي معلوم ٿي سگهندو الله تعاليٰ فرمايو آهي ته :

و اذا اردنا ان نهلک قرية امرنا مترفيها ففسقوا فيها فحق عليها القول فدمر ناها تدميرا 0

(۽ جڏهن اسين ڪنهن بستي کي هلاڪ ڪرڻ گهرون ٿا تڏهن اتي جي دولتمندن کي حڪم ڏيون ٿا پوءِ اتي اهي نافرماني ڪن ٿا تڏهن انهن تي حجت ختم ٿي وڃي ٿي ۽ اسين انهن کي برباد ڪري ٿا ڇڏيون-

حضرت لاهوري رحه)

پنجاب ۾ حڪمت ولي الهي جي مخلص بي لوث شارح حضرت مولانا احمد علي رحمة الله عليہ پنهنجي مختصر حواشي ۾ انهي آيت جي ضمن ۾ فرمائين ٿا ته

”اهو به ياد رهي ته بستيون هميشہ آسوده حال ماڻهن جي شامت اعمال سبب تباه ٿينديون آهن“(ص 451)

قرآني قصن ۽ واقعن تي نظر وجهڻ سان سڀ کان اول نبي مرسل حضرت نوح عليہ السلام کان وٺي حضرت محمد رسول الله صلي الله عليہ وآلہ و اصحابہ وسلم تائين آسماني تعليمات ۽ نبوي دعوت جي مخالفت ۾ اهو ئي طبقو اوهان کي پيش پيش نظر ايندو، جيڪو قرآن جي زبان ۾”مترف“ (دولتمند طبقو) چيو ويو آهي. انهي طبقي پنهنجي دولت ۽ ثروت تي ناز ۽ غرور ڪندي سدائين انبياء عليهم السلام ۽ انهن جي رفيقن ۽ اهل ايمان جو ذڪر تحقير آميز انداز ۾ ڪيو آهي. حضرت نوح عليہ

السلام جي دور جي اهل ثروت ۽ ارباب تمول سندن دعوت جي جواب ۾ چيو:
”اسان کي ته تون اسان جهڙو هڪڙو ماڻهو نظر اچين ٿو ۽ اسان کي تنهنجا پوئلڳ اهي ئي نظر اچن ٿا، جيڪي اسان مان رذيل آهن“(هود: 27)
حضرت صالح عليہ السلام جي حالات جي ضمن ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي ته:
”هن قوم جي متڪبر سردارن، غريبن کي چيو جيڪي ايمان آڻي چڪا هئا ته: ڇا اوهان کي يقين آهي ته صالح کي ان جي رب موڪليو آهي؟
هنن چيو ته:هو جيڪي کڻي آيو آهي. اسان ان تي ايمان آندو آهي.
متڪبرن چيو: جنهن تي توهان کي يقين آهي ان کي اسين نٿا مڃون“
(الاعراف: 75-76)
فرعون جي لاءِ قرآن چوي ٿو ته هن پنهنجي قوم کي چيو.
”ڇا، آءٌ هن کان بهتر نه آهيان جيڪو ذليل آهي ۽ صاف ڳالهائي به نٿو سگهي“(زخرف، 52)

سرڪار دو عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ واصحابہ وسلم جي زماني ۾ ڪافرن ۽ فاسقن ساڳئن انهي انداز جي گفتگو ڪئي ۽ ڪانئن اهو مطالبو ڪندا هئا ته هي غريب ۽ انهن جهڙا ٻيا ماڻهو جيڪي اوهان جي ارد گرد رهن ٿا، تن کي هٽائي ڇڏيو ته اسين گهٽ ۾ گهٽ اوهان جي ڳالھ ٻڌنداسين(مڃڻ يا نه مڃڻ پوءِ جي ڳالھ آهي) انهي تي الله تعاليٰ کين فرمايو:

۽ ”جيڪي ماڻهو صبح شام پنهنجي رب کي سڏين ٿا انهن کي پاڻ کان دور نه ڪر، جو الله جي رضا چاهين ٿا- تنهنجي ذمي انهن جو ڪو به حساب نه آهي ۽ نه وري تنهنجو ڪو حساب انهن جي ذمي. اگر تو انهن کي پري ڪيو، بس تون بي انصافن مان ٿيندين“(الانعام: 52)

انهي تفصيل مان الله جي نبين جي دنيا ۾ اچڻ جي سببن تي واضح روشني پوي ٿي ۽ اهو به معلوم ٿئي ٿو ته هڪ خاص طبقو هميشہ کان انبياء عليهم السلام جي دعوت جي مخالفت ۽ تڪذيب ۾ پيش پيش رهيو آهي. اڳتي وڌون ته انبياء عليهم السلام جي تعليمات تي حقيقي ۽ صحيح معنيٰ ۾ عمل پيرا اهي ئي ماڻهو ٿيا آهن، جن کي عام طور ”غرباء“ چيو وڃي ٿو. اسلام جي اوائلي تاريخ انهي

معاملي ۾ نهايت واضح آهي ۽ اڄ تائين اهو ئي ڪجھ ڏنو وڃي ٿو. انهي ڪري حضور عليہ السلام جن ”غرباء“ کي مستحق تبريڪ قرار ڏنو ۽ فرمايو ”فطوبيٰ للغرباء“ ۽ پاڻ سڄورا مسڪيني جي عالم ۾ رهيا ۽ مسڪيني جي عالم ۾ ئي دنيا کان رخصت ٿيا ۽ مساڪين جي طبقي ۾ ئي شمار ٿيڻ جي دعا فرمائي:”اللھم احيني مسكينا و امتني مسكينا و احشرني في زمرة المساكين.“

ان سان گڏ هڪ ٻي ڳالھ پڻ نهايت ضروري آهي جنهن کي حڪيم الامت امام ولي الله دهلوي ذڪر فرمايو آهي:

”ايرانين ۽ رومين کي مختلف قومن تي حڪومت ڪندي صديون گذري ويون ۽ انهن دنيوي زندگي کي ئي پنهنجي زندگي جو مقصد بنائي ڇڏيو ۽ آخرت کي وساري ويهي رهيا. شيطانيت انهن تي غالب پئجي وئي ته سندن زندگي جو حاصل اهو بنجي ويو ته عيش عشرت ۾ زندگي بسر ٿئي، تنهن ڪري منجهانئن هر شخص داد عيش ڏيڻ ۾ لڳي ويو ۽ انهي تي فخر ڪرڻ لڳو. سندن اها طرز زندگي ڏسي دنيا جي هر گوشي مان علماء ۽ سائنسدان سندن چوڌاري گڏ ٿيڻ لڳا جيڪي سندن لاءِ عيش جو سامان مهيا ڪرڻ لاءِ عجيب عجيب حيلا ۽ نڪتا بيان

ڪرڻ لڳا، بلڪ عيش جي سامان جي ايجادات ۽ اختراعات ۾ هڪٻئي کان گوءِ کڻڻ جي ڪوشش ۾ لڳي ويا ۽ پنهنجي ايجادات کي فخر جو باعث سمجھڻ لڳا............ (ان بعد شاه صاحب انهن سرمايه پرست امراءَ جي زرين لباسن، عاليشان محلاتن، نمائشي جانورن وغيره جو ذڪر ڪيو آهي ۽ ان سان گڏ اهو به ٻڌايو آهي ته انهن جي حالات جو اندازون لڳائڻ لاءِ توهين پنهنجي دور جي حڪمرانن ۽ اميرن کي ڏسو......... ان بعد رقمطراز آهي ته) انهن بادشاهن ۽ اميرن جي زندگي جا طور طريقا رفته رفته عوام جي معاشرتي نظام جا اصول بنجي ويا ۽ نوبت انهي حد تائين پهتي جو سوسائٽي ۾ انهن خرابين جو استيصال ناممڪن بڻجي ويو ان جي باقي هڪڙي صورت رهجي ويئي ته جيڪڏهن ممڪن ٿي سگهي ته اهي بدعادتون انهن ماڻهن جي دلين مان روڙي ڪڍي ونجن. بادشاهن ۽ اميرن جي انهي عياشي واري زندگي مان ڪيترائي خطرناڪ معاشي ۽ سماجي مرض پيدا ٿي پيا جيڪي زندگي جي سڀني شعبن ۾ داخل ٿي ويا ۽ حالت اهڙي همه گيري بنجي وئي جو اها وچڙندڙ وبا وانگر سڄي مملڪت ۾ پيهي وئي. ان کان نه

شهري بچيو نه ديهاتي، نه امير محفوظ رهيو نه غريب، ايستائين جو هر شخص ان جون خرابيون ڏسندو رهيو مگر علاج کان مايوس هو. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو عوام توڙي خواص سڀئي شديد مالي مصيبتن ۾ مبتلا ٿي ويا“

(حجة الله البالغہ، جلد اول، ص 105-106)

اوهان ڏٺو ته شاه صاحب ڪهڙي طرح نه تفصيل سان معاشري جي مرضن جي تشخيص ڪئي آهي: جڏهن امراء عيش پرستي جو شڪار ٿين ٿا ته غرباء ”الناس عليٰ دين ملوڪهم“ مطابق انهن جي نقش قدم تي هلڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ۽ جيئن ته منجهن ان تي هلڻ جي طاقت نٿي ٿئي ۽ سندن معاشي حالات اهڙي اجازت نٿا ڏين، تنهنڪري معاشري ۾ ڏوہي جي ڪتي واري حيثيت بنجڻ کان پوءِ امراء ۽ سرمائيدار طبقو ڪين گڏه گابي جي درجي تي پهچايو ڇڏي ۽ معاشرو واضح طور تي طبقاتي ڪشمڪش جو شڪار بنجيو وڃي . انهي طبقاتي ڪشمڪش ۽ بادشاهن ۽ اميرن جي زندگي جو پنهنجو انداز ٿئي ٿو. ڪين هر حالت ۾ پنهنجي عيش جي معيار کي برقرار رکڻو پوي ٿو، تنهنڪري اهي ماڻهن تي طرح

طرح جا ٽيڪس لڳائين ٿا ۽ رائج ٽيڪسن جي شرح ۾ اضافو آڻين ٿا. نتيجي طور هيٺيون طبقو ٽيڪسن جي ادائگي لاءِ پنهنجي عزت آبرو تائين وڪڻڻ تي مجبور ٿي وڃي ٿو، چو ته ٽيڪسن جي ادائگي کان سواءِ سندن جيئڻ محال ٿيو پوي. اهڙي حالت ۾ جيڪڏهن ڪي ماڻهو ٽيڪسن جي ڳرائي کان تڙپي مقابلي لاءِ نڪري اچن ۽ اهو سوچين ته جڏهن با عزت زندگي نصيب ناهي تڏهن بهادرن وانگر موت ئي بهتر آهي ته پوءِ ان جو نتيجو جنگ جدال ۽ بغاوت جي صورت ۾ سامهون اچي ٿو ۽ معاشري جو سمورو نظام درهم برهم ٿي وڃي ٿو.

معاشري جو هڪ ٻيو دکدائڪ پهلو هي به ٿئي ٿو جو ڪي ماڻهو حڪمرانن جا حاشيه نشين بنجي وظائف ۽ جاگيرون حاصل ڪن ٿا ۽ هر حالت ۾ بادشاھ ۽ ارباب اقتدار جي خوشنودي چاهين ٿا. انهن ۾ نام نهاد مذهبي پيشوا(جن ۾ مولوي ۽ پير ٻئي شامل آهن) ۽ شعراء وغيره شامل هوندا آهن. حڪيم دهلوي انهن ٻنهي مرضن جو سهڻائي سان تجزيو ڪندي فرمايو آهي:

”هن زماني ۾ اڪثر ملڪن جي بربادي جو سبب ٻه چيزون آهن. هڪڙو ته سرڪاري خزاني مان هڙادو

حقوق جو نالو وٺي ماڻهو روپيا وصول ڪن ٿا. جنهن نالي سان اهي رقم وٺن ٿا ان جي حق کي اهي ڪنهن به طرح پورو نٿا ڪن. ٻيو ته ڪمائيء وارين جماعتن يعني هارين، واپارين ۽ هنرمندن تي گهڻي کان گهڻا ٽيڪس لڳايا وڃن ٿا. انهن مان نرم مزاج(ٻين لفظن ۾ غيرت ۽ حميت کان عاري ماڻهو) ته ٽيڪس ادا ڪري ٿا ڇڏين، ليڪن جن ۾ مقابلي جي همٿ هوندي آهي، سي بغاوت اختيار ڪن ٿا ۽ سڄي سوسائٽي درهم برهم ٿي وڃي ٿي“ (مولانا سنڌي، ص 190) اسرائيلي معاشري ۾ فرعوني طبقي جو تسلط ۽ استيلاء ۽ بني اسرائيل جي بيوسي قرآن عزيز ڪيترين ئي جاين تي بيان فرمائي آهي - حتاڪه حضرت موسيٰ عليہ السلام جن به بارگاه ايزدي ۾ درخواست ڪئي ته:

”اي رب اسان جا، تو فرعون ۽ ان جي سردارن کي دنيا جي زندگي ۾ آرائش ۽ هر طرح جو مال ڏنو آهي. اي رب اسان جا، ايستائين جو انهن تنهنجي راه تان گمراه ڪري ڇڏيو. اي رب اسان جا، هنن جي مال کي برباد ڪر ۽ انهن جي دلين کي سخت ڪر. پوءِ اهي ايمان نه آڻيندا

ايستائين جو دردناڪ عذاب ڏسن.“(يونس: 88- حضرت لاهوري قدس سره)
حضور پاڪ عليہ السلام جي دور جي قبائلي ۽ سرداري نظام به انهي نوعيت جو آهي، جنهن ۾ لاتعداد انسان رڍن ۽ ٻڪرين واري زندگي گذاري رهيا هئا ۽ اهي غلام ۽ ٻانهان شمار ٿيندا هئا. سندن نام نهاد آقا جيئن وڻندو هون- تيئن انهن جي تذليل ڪندا هئا. اها ته حجاز جي حالت هئي، پر حجاز کان ٻاهر ان دور جي سپر طاقتن روم ۽ ايران جو حال مٿي بيان ٿي چڪو آهي. انهي ماحول ۽ معاشري ۾ الله جو آخري نبي تشريف فرما ٿيو. الله تعاليٰ ارشاد فرمايو:
”هو الذي ارسل رسولہ بالهديٰ و دين الحق ليظهره علي الدين کلہ ولو کره المشرکون“(الصف: 9)
(اهو ئي تون آهين جنهن پنهنجو رسول هدايت ۽ سچو دين ڏيئي موڪليو، تان ته ان کي سڀني دينن تي غالب ڪري، اگرچه مشرڪ ناپسند ڪن- حضرت لاهوري)
مولانا سنڌي قدس سره ارشاد فرمايو آهي ته:
”شاه صاحب (شاه ولي الله رحه) جي خيال ۾ رسول اڪرم عليہ الصلواة والسلام جي بعثت جو مقصد اهو ئي

هو ته سندن وسيلي خدا جي دين کي ٻين سڀني دينن تي غالب ڪيو وڃي ۽ اسلام انسانن کي هڪ اهڙو نظام حيات ڏئي جو سڀني نظامن کان بهتر ۽ اعليٰ هجي. آنحضرت جي بعثت جو به مقصد انهي صورت ۾ پورو ٿيو جو قيصر ۽ ڪسريٰ جو نظام، جيڪو ڪنهن حد تائين سڄي دنيا تي ڇانيل هو، پاش پاش ٿي ويو ۽ انسانيت کي قيصريت ۽ ڪسرويت ٻنهي کان نجات ملي.“(مولانا سنڌي، ص 190-191)

گويا غلامانه ذهنيت کان مرعوب بعض ماڻهن جي قول موجب الله جي سچي نبي جي وساطت سان آيل دين محض عبادات جي مجموعي جو نالو ڪونهي، بلڪ اهو سڄي دنيا جي اديان تي ڇانئجڻ لاءِ آيو آهي ۽ هن پنهنجي ابتدائي زندگي ۾ پنهنجي عظمت ۽ برتري جو جيڪو ثبوت پيش ڪيو آهي، تنهن کي ڪو بدترين دشمن به ڪوڙو نٿو ڪري سگهي ۽ اهو اسلام خير هڪ هزار سالن تائين ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ دنيا ۾ قائم ۽ موجود رهيو ۽ نه صرف پنهنجا بلڪ بيگانا به هن جي برڪتن مان مستفيد ٿيندا رهيا. ليڪن جيئن ئي مسلمانن جي اخلاقي حالت زوال پذير ٿي ۽ اهي مجاهدانه ۽ انقلابي

زندگي کي خيرآباد چئي عيش و نشاط ۾ پيا، ته سندن وقار ۽ عزت مٽيءَ ۾ ملي ويا، اقتدار کان محروم ٿي ويا،ويا‌ج خوري واري نظام جي ٻنڌڻ کين پنهنجي گرفت ۾ وڪوڙي ورتو. تهذيب ۽ تمدن غيرن جو، سوچ ۽ فڪر غيرن جو-نتيجو اهو آهي جو اُهي اڄ وري اوائلي جاهليت جو شڪار آهن. حڪيم دهلوي سندن جن خرابين جو ذڪر ڪيو آهي ۽ دهلي جي بادشاهن ۽ ان جي دور جي امرائن جا جيڪي حالات بيان ڪيا آهن، سي اڄ مڪمل شڪل ۾ هن نام نهاد مسلم سوسائٽي ۾ڏسي سگهجن ٿا، ليڪن الله جا جيڪي بندا اونداهين ۾ چراغ جلائي ملت جي ُحدي خواني جي لاءِ وقتاً فوقتاً دنيا ۾ ايندا رهن ٿا، سي ڪنهن به گهڙي مايوس نٿا ٿين.

مولانا عبيدالله سنڌي جي متعلق سندس سوانح نگار لکن ٿا ته پنجويهه سال جلاوطني کان پوءِ مولانا وطن واپس اچڻ لڳو ته هڪڙي هندستاني بزرگ عالم جيڪو مستقل طور حجاز ۾ مقيم هو ۽ مولانا جو دوست ۽ شاگرد هو، تنهن چاهيو ٿي ته مولانا پنهنجي عمر جو باقي حصو هتي ئي حرم پاڪ ۾ گذاري، جنهن جي عطر بيض فضائن ۾ هن ٻارهن ورهه گذاريا آهن. مولانا جي خيالات ۾ تلاطم هو.

حرم جي محبت ۽ عظمت سان سندس دل سرشار هئي، ليڪن اُها ڳالھ جنهن ڪيس بيقرار ڪيو هو ۽ هن واپس اچڻ چاهيو ٿي، تنهن لاءِ مولانا فرمايو ته:

”منهنجو اهو غير متزلزل يقين ۽ عقيدو آهي ته اسلام جو مستقبل نهايت روشن ۽ شاندار آهي. بيشڪ اسلام پوري قوت ۽ توانائي سان هڪ ڀيرو اٿندو، ليڪن خارج ۾ ان جو اهو خاڪو نه هوندو جو هن وقت آهي. مون کي جهڙي طرح هن ڳالھ تي يقين آهي ته اسلام هڪ ڀيرو اُڀرندو اهڙي طرح منهنجو هي به ايمان آهي ته اسان جو موجود نقشو چند ڏينهن جو مهمان آهي . اسلام کي هڪ نئين اڏاوت اڏڻي آهي ۽ مسلمان ان کي جيترو جلد بنائين بهتر ٿيندو“.

ائين چئي ارشاد فرمائين ته:

”اهي به عقيدا آهن جيڪي مون کي هندستان ڏانهن ڇڪي پيا وڃن(اهو تقسيم کان پهرين جو قصو آهي)، آءٌ هاڻي چراغ سحري آهيان. خدا کي خبر ته زندگي جا ڪيترا ڏينهن باقي هوندا، چاهيان ٿو ته مرڻ کان اڳ پنهنجي قوم جي ڪنن تائين اها حقيقت پهچايان“(مولانا سنڌي ص،198-199)

گويا اسلام جدا چيز آهي ۽ موجود دور جي مسلمانن جي طرز حيات بالڪل ٻي چيز آهي. اسلام ته اهو آهي جنهن جي علمي شڪل قرآن آهي ته عملي شڪل سرڪار دو عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ واصحابہ وسلم جي ذات گرامي. جو بعض روايتن مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته صحابه ڪرام عليهم الرضوان به اهو ئي خيال اظهار فرمائيندا هئا ته هڪ قرآن الله جي طرفان جبرئيل امين عليہ السلام جي وساطت سان محمد عليہ السلام جي قلب تي نازل ٿيو ۽ ٻيو قرآن اهو آهي جيڪو مديني جي گهٽين ۾ گهمندو ڦرندو هو. گويا ٻن قرآنن جو عقيدو انهي تعبير سان اسلاف کان منقول آهي ۽ انهي حقيقت جي ترجماني ام المؤمنين سيده ڪائنات صديقہ طاهره سلام الله تعاليٰ عليها و رضوانها جن ٻن جملن ۾ فرمائي آهي.

”ڪان خلقہ القرآن“

(رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ واصحابہ وسلم جي سيرت ۽ حيات طيبہ ته قرآن ئي هو)

قرآن ۽ سنت رسول مان اسلام جو جيڪو نقشو سامهون اچي ٿو، سو بلڪل الڳ چيز آهي، جنهن ۾ عبادات، معاملات اخلاق، تهذيب ۽ معاشرت ۽ اقتصاد جي لاءِ

مڪمل رهنمائي موجود آهي، ۽ اها محض دعويٰ ناهي بلڪ مسلمانن جي هزار سالن جي زندگي انهي ڳالھ جو ثبوت آهي. برعڪس ان جي هن وقت جيڪو ڍانچو مسلمانن بنائي ڇڏيو آهي، سو هي آهي ته هڪ محدود تعداد ۾ عبادات جو رسمي اهتمام ڪري اهو خيال رکن ٿا ته اسان اسلام جي تقاضا پوري ڪري ڇڏي، جڏهن ته سندن طرز زندگي، سندن نظام معاشرت ۽ اقتصاد، سندن نظام سياست ۽ عدالت ۽ سندن نظام تجارت ۽ زراعت وغيره خالص جاهليت وارن بنيادن تي استوار آهن. حضور رحمت دو عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ واصحابہ جن جنهن نظام حيات جو سلسلو ملت مسلمہ لاءِ تجويز فرمايو هو، تنهن جي عملي پچ ڊاه خود اسان جي ئي هٿان ٿي ۽ جنهن جي سزا اسان کي انهي شڪل ۾ ملي رهي آهي جو اسين قومي وقار کان محروم ٿي ويا آهيون. اڄ جو جديد ذهن هڪ صالح سياسي نظام لاءِ فرانس جي انقلاب هڪ صالح معاشي نظام لاءِ ڪارل مارڪس جي سرمايه لينن ۽ اسٽالن جي عمل کي پنهنجي لاءِ ضروري سمجهي ٿو ۽ ان جي باوجود ڪيس پنهنجي مسلمان هجڻ جي دعويٰ آهي. حالانڪ هڪڙي مفڪر جي قول موجب

سيرت نبوي ۽ دور حاضر جي تحريڪن يعني سوشلزم، ڪميونزم، ڪيپيٽلزم وغيره ۾ وڏو واضح تضاد موجود آهي. دور حاضر جي انهن تحريڪن جي صرف اها خامي ناهي ته اهي خدا فراموش آهن، بلڪ اهي خود فراموش به آهن. اهي انسان ۽ انسانيت کي نه ٿيون سمجهي سگهن. محمد رسول الله ﷺ جن پيغمبر انسانيت هئا. آنحضرت جن انساني محنت کي اصل سرمايو ۽ متاع قرار ڏنو ۽ محنت جي بنياد تي ماڻهن کي ذليل سمجهڻ وارن کي سخت تنبيہ ڪئي. پورهيت طبقن جي قدر و منزلت کي واضح ڪيائون ۽ خود عملي طور تي پورهئي وارن ڪمن ۾ شريڪ ٿي دنيا کي درس ڏنائون.

پندرهين صدي هجري جي آجيان ۾ دنيا اسلام(؟) ۾ تقريبن جو سلسلو شروع ٿي چڪو آهي. انهي آجيان ۾ سيمينار، مجلسون، مذاڪرا، اخبارن ۽ رسالن جاخصوصي ايڊيشن ۽ هجري صدين جي عمارت جي منزلن جي شڪل ۾ تعمير وغيره شامل آهن، ليڪن اسان جي خيال ۾ اهو سڀ ڪجهہ اهڙي حالت ۾ ٿي رهيو آهي جڏهن مسلمان قوم قومي وقار ۽ اجتماعي خودداري کان محروم آهي. انهي

پس منظر ۾ انهي نوع جون تقريبات مٿئين طبقي ۽ ان سان متعلق ماڻهن جي ذهني عياشي جو ذريعو ته بنجي سگهن ٿيون پر ملت ۽ قوم کي ڪجھ به حاصل نٿو ٿئي. اڄ حالت اها آهي جو ڪيترائي مسلم ملڪ اهڙا آهن جن وٽ دولت جو ڪو شمار ڪونهي . قدرت انهن کي انسانيت جي دستگيري ۽ اجتماعي زندگي جي بهتر مستقبل لاءِ سون ۽ تيل سان نوازيو آهي، ليڪن اها دولت يا ته انهن جي محدود آبادي جي عيش عشرت جي نذر ٿي رهي آهي، يا وري انهن قومن ۽ ملڪن جي معاشي استحڪام لاءِ استعمال ٿي رهي آهي، جيڪي خدا کان بيزاري ۽ اسلام دشمني ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن. ڪي مسلم ممالڪ اهڙا به آهن جن تي غربت ۽ افلاس جي تاريڪي مسلط آهي ۽ اتي جا عوام ”ڪاد الفقر ان يکون ڪفرا “ وانگر مختلف النوع باطل تحريڪن جي علمبردارن جو سٽپو گرانھ بنيل آهن. حقيقتن جي ثبوت ۾ بالخصوص آفريڪي ملڪن ۾ عيسائيت ۽ قاديانيت جون سرگرميون پيش ڪري سگهجن ٿيون. چئي سگهجي ٿو ته ڪن امير ترين مسلم ملڪن بعض اهڙا ادارا به قائم ڪري ڇڏيا آهن جيڪي اسلام ۽ مسلمانن جي خاطر سرگرم عمل آهن، ليڪن

بدقسمتي اها آهي جو انهن جي ڪارڪردگي نه هئڻ جهڙي ۽ بي نتيجي رهي آهي ۽ اها مضبوط رٿابندي، جيڪا مرد مومن جي نظر جي غماز هوندي آهي، سا بالڪل نظر نٿي اچي. ان جي برعڪس ڪي مثال اهڙا به پيش ڪري سگهجن ٿا جن جولب لباب هي اهي ته اٿلندو مفسد ۽ فتني انگيز قسم جا ماڻهو انهن ادارن جي دسترخوانن تي پلجي ملت جي رهيل کهيل اجتماعي وقار کي خاڪ ۾ ملائڻ جو باعث بنيل آهن.

پندرهين صدي هجري، چئي سگهجي ٿو ته مسلمانن جي حيات ثانيه جي صدي آهي. اسان کي ڪو به اعتراض ناهي، بلڪ دعاگو آهيون ته خدا ڪري ته ائين ئي ٿئي. ليڪن مولانا سنڌي جي لفظن ۾”اسان کي پنهنجو ڍانچو بدلائڻ جي ضرورت آهي ورنه فطرت جو تعزيري عمل، بدڪردار ۽ بي عمل قومن کي زياده عرصو دنيا ۾ زنده رهڻ جو موقعو نٿو ڏئي“ سرڪار دو عالم جن قيصر ۽ ڪسريٰ جي تباهي جي انهي ڪري پيشنگوئي فرمائي هئي جو اهي انسانيت جي نالي تي ٺٺول ۽ فريب هئا، ۽ جيڪو نظام انسانيت جي نالي تي فريب ۽ ٺٺول بنجي وڃي، اهو پنهنجو ڍانچو جلدي پچي وجهي ٿو.

اڄ جي مسلمانن، خصوصاً منجهانئن مٿانهن طبقن(جن ۾ حڪمران، امراء، شعراء، اَدباء ۽ صوفياء شامل آهن الا ماشاء الله) ”تلک الايام نداولها بين الناس“ جي مصداق ڪنهن نه ڪنهن حيلي سان قيصريت ۽ ڪسرويت ڪي هٿان نه ڇڏيو آهي. اهي خود انهي فاسد نظام مان جند آزاد ڪرائين ته فهوالمراد، ورنه اسلام ڪي ته بهرحال اپرٹو آهي. ڪو زبردست هٿ خود ان جو انتظام ڪري وٺندو. پنڌرهين صدي هجري جي موقعي تي سيرت رسول جي روشني ۾ اهو ئي اسان جو پيغام آهي.

*

۽ خدا جي راه ۾ جو ڪجھ خرچ ڪندا اهو اوهانکي پورو پورو ادا ڪيو ويندو(القرآن)

بيشڪ خيرات ڪرڻ وارا ۽ خيرات ڪرڻ واريون ۽ اهي ماڻهو جيڪي خدا کي خوش دلي سان قرض ڏين ٿا (قيامت جي ڏينهن)انهن کي (سندن) قرض جو ٻيڻو ادا ڪيو ويندو ۽ کين اجر عظيم (علحده) ملندو (القرآن)